
۷۸۶
۹۲

# متبرک نعتوں



مرتب و شائع کنندہ

علامہ عبدالوحید جان عید سرہندی

مشهور و معروف نعت گو
شعراء ڪرام جي نعتن جو مجموعو

# متبرڪ نعتون

مرتب ۽ شائع ڪندڙ

حضرت علامہ عبدالوحيد جان "عبد" سرهندي

مهتمم و مدرس

جامعہ مجدديہ سرهنديہ دارالاشاد

درگاهہ سرهنديہ ٽنڊو سائينداد

تعلقہ ٽنڊو محمد خان، ضلع حيدرآباد

سنڌ

# متبرڪ نعتون

مرتب ۽ ڇپائيندڙ - حضرت علامه عبدالوحيد جان سرهندي
سال اشاعت اول - ربيع الاول ۱۴۲۱ھ/جون ۲۰۰۰ع
تعداد - هڪ هزار
هديه - پڙهي دعاءِ خير سان نوازيو

ڪمپوزنگ - سورهيه ڪمپيوٽر سينٽر
الفيض دارالاشاعت واسلامي لائبريري
لطيف آباد نمبر 5، حيدرآباد

ڪتابت ۽ اشاعتي نگران - فقير فيض محمد سڪندري پتافي
ڇاپيندڙ - نيوگرين پرنٽرس، صدر، حيدرآباد

## ملڻ جو هنڌ

درگاهه سرهنديه ٽنڊو سائينداد
تعلقه ٽنڊو محمد خان
ضلع حيدرآباد

٧٨٦
٩٢

# اِنتِسابُ

آئون بيحد عقيدت ۽ نهايت محبت سان، پنهنجي جد امجد صاحب فضيلت و معرفت قطب زمان، قيوم دوران، عمدة العلماء، زينة الاصفياء، تاج الاولياء، **حضرت خواجه محمد حسن جان** سرهندي مُجددي نقشبندي فاروقي قدس سره جن جي نالي مبارڪ سان هن ڪتاب کي منسوب ڪريان ٿو.

منهنجي لاءِ اهو اعزاز ۽ شرف ڪافي آهي.

از قلم
**عبده عبدالوحيد عفي عنہ**
٢٠٠٠-٢-٢٨

# فهرست


| نمبر | نعت | شاعر | صفحو |
|---|---|---|---|
| ١ | مقدمہ | | ٦ |
| | **سنڌي نعتون** | | |
| ٢ | جڏهن پروردگاري حڪم | آغا عبدالستار جان | ٨ |
| ٣ | مُنهن تنهنجي منور ڪيو | = | ٩ |
| ٤ | رسول الله جي روضي رسايو | = | ١٠ |
| ٥ | مديني پاڪ ڏي مون کي | آغا احمد جان | ١١ |
| ٦ | محمد مير مدني کي | = | ١٢ |
| ٧ | تنهنجي قدمن تان قربان | آغا محمد ابراهيم جان | ١٣ |
| ٨ | مٺڙو مٺڙو تنهنجو نام | = | ١٥ |
| ٩ | محمد مصطفيٰ آهي | عبده عبدالوحيد سرهندي | ١٦ |
| ١٠ | مونکي تنهنجو ڪرم گهرجي | = | ١٧ |
| ١١ | اسان جو پاڪ پيغمبر | = | ١٨ |
| ١٢ | تنهنجو نور انور | = | ١٩ |
| ١٣ | مصطفيٰ محبتيٰ تي | = | ٢٠ |
| ١٤ | يا محمد مصطفيٰ توتي | = | ٢٢ |
| ١٥ | شوق منهنجو آهي هر هر | اسدالله شاهہ تڪڙائي | ٢٤ |
| ١٦ | ڪير فخر المرسلين پيو | = | ٢٥ |
| ١٧ | محبوب خدا مونکي | محمد حافظ شاهہ | ٢٦ |
| ١٨ | جدائي ۾ حبيبن جي | = | ٢٧ |
| ١٩ | مبارڪ صد مبارڪ | = | ٢٨ |
| ٢٠ | محشر ۾ موٽ مرسل | ميران محمد شاهہ | ٢٩ |
| ٢١ | بشر ڪان ڪيئن پڇي | محمد سعيد شاهہ | ٣٠ |
| ٢٢ | يثرب ڏي ولي مونکي | = | ٣١ |
| ٢٣ | تنهن ۽ چوٽي آنون خطا | امداد حسيني | ٣٢ |
| ٢٤ | لااله الاالله جي لات | زين العابدين شاهہ | ٣٣ |
| ٢٥ | اڄ تہ آڏي رات جو | = | ٣٤ |
| ٢٦ | محبوب جي محفل ۾ | پير غلام جيلاني شاهہ | ٣٥ |

# مقدمه

بسمه سبحانه وتعالي وتقدس

احمده سُبحانه وتعاليٰ واصلي واسلم عليٰ اشرف الانبياء والمرسلين
وعلي اله واصحابه ولمن تبعه باحسان
اليٰ يوم الدين آمين

بفضله تعاليٰ وبكمال كرمه اڄ مؤرخه ۲۸ فيبروري ۲۰۰۰ع تي هي كتاب مستطاب المسميٰ به "متبرڪ نعتون" لکجي مکمل ٿيو. هن متبرڪ كتاب ۾ اسان پنهنجي معلومات ۽ پسند مطابق سنڌ جي مشهور و معروف نعت گو شاعرن جون نعتون كتاب جي پهرئين حصي ۾ شامل كيون آهن. ۽ كتاب جي پوئين حصي ۾ اسان جي سرهندي بزرگن جون كجهه فارسي نعتون شامل كيون ويون آهن. اُميد ته سيني پڙهندڙن كي هي كتاب پسند ايندو، ڇو ته اسان كوشش كري سموري سنڌ جي عُمده شاعرن جي نعتن جو هي مجموعو پيش كيو آهي.

آخر ۾ آئون سيني پڙهندڙ حضرات كي گذارش كندس ته اُمي هڪ دفعو الحمد شريف ۽ 3 دفعا قُل شريف پڙهي منهنجي جد امجد تاج الاوليا، **حضرت خواجه محمد حسن جان سرهندي** ۽ ٻين نقشبندي بزرگن جي ارواحن مباركن كي مذكوره ختم شريف جو ثواب بخشين ۽ دُعا گهرن ته رب كريم پنهنجي حبيب كريم عليه الصلواة والسلام جي طفيل حضرت خواجه صاحب جن كي جنة الفردوس ۾ اعليٰ كان اعليٰ مكان عطا فرمائي ۽ سندن اولاد كي صالح ۽ سعادتمند كري ۽ دين ۽ دنيا ۾ كاميابي و كامراني عطا فرمائي ۽ سندن علمي ۽ روحاني فيوضات ۽ بركات كي قيامت تائين قائم ۽ دائم ركي. آمين ثم آمين بجاه سيدالانبياء والمرسلين صلي الله عليه وآله وسلم.

بقلم
**عبده عبدالوحيد سرهندي**
ازدرگاه مُجدديه
ٽنڊو سائينداد
ضلع حيدرآباد سنڌ
۲۰۰۰-۲-۲۸

# سنڌي نعتون

# نعت شريف

جڏهن پروردگاري حُڪم سان يومُ الحشر ٿيندو،
تڏهن حضرت محمد شافعِ جنِ و بَشر ٿيندو.

(١)

آهن هٿ عاصين جا دامنِ پاڪ مُحمد ۾،
منو مُرسل مِڙن تي مِهربان ۽ مِهرَور ٿيندو.

(٢)

گُناهن ۾ گُڏيل آهيان، وسيلا واهه ٻي ڪانهي،
خدا جي واسطي مون تي بہ شفقت جو نظر ٿيندو.

(٣)

نڪيم ڪا بندگي پوري نڪيم ڪا طاعت مولىٰ،
توهان جي مدد سان سائين، ڏکي پل تان گذرَ ٿيندو.

(٤)

گُهران درگاهه حق جي مان هميشه روز شب دائم،
ڪميني تي ڪرم سان مِهرباني جو نظر ٿيندو.

(٥)

نَڪا ٻي واٽ آهي ڇوٽڪاري جي شفاعت ري،
شفاعت کان ڦِري جو سر هميشه دربدر هوندو.

(٦)

نہ ڪر ڀنو"پير" تون هرگز هلاڪي هول هيبت کان،
مُهابي مير مرسل جي مٿم سؤکو سفر ٿيندو.

حضرت آغا عبدالستار جان سرهندي
ٽنڊو سائينداد

# نعت شريف

مُنهن تنهنجي مُنور ڪيــو محــراب بيتُ الله جو،
رُخ تنــهنجي روشــن ڪيــو تَـجلو ڪـلامُ الله جو.

(۱)

جنهن جنتِ جاويد کي اوهانِ جي پسڻ لئي ڪيو ڦٽو،
هو هميشه آرزو آدمِ صفيُ الله جو.

(۲)

مــوت مُهلت ڏي ته مَن مُوٽي مَديني ۾ رَسـان،
پيار سـان هيـڪر پَسـان روضـو رسـولُ الله جو.

(۳)

جت ذات حق جو ظُهور هو، اُت مُصطفيٰ مسرور هو،
گم هوش تجليءِ طور ڪيـو مـوسيٰ ڪليم الله جو.

(۴)

آزاد ٿيـو در دوجهـان دردِ و غمن کـان بي گـمـان،
پاڙو قـبوليـو پير جنهن حُب مـان حـبـيب الله جو.

حضرت آغا عبدالستار جان سرهندي
ٽنڊو سائينداد

# نعت شريف

رسولُ الله جي روضي رسايو، مونکي مولا اچ،
پرين جي پاڪ پاڙي ۾ پچايو، مون کي مولا اچ.

(١)
مُشرف ڪني مديني جي زيارت سان ضعيفن کي،
سفر جي سخت صدمن کان بچايو مون کي مولا اچ.

(٢)
اها لَبيڪ جي للڪار، مون نٿي مان نہ چني آهي،
اڪر ساڳيو ازل وارو، چوايو مونکي مولا اچ.

(٣)
الاهي منهنجو مدفن ڪر هتي جنت بَقيَہ ۾،
قيامت تائين رهان خوش جي رکايو مون کي مولا اچ.

(٤)
مُسلمانو ڏسو هي مهرباني مير مرسل جي،
سڏائي مون کي پنهنجي گهر گهرايو مونکي مولا اچ.

(٥)
سڏن سردار جو بيشڪ سڏن الله جو آهي،
ٿيان ڇو ڪين مان نازان سڏايو مون کي مولا اچ.

(٦)
پرين پرور پسائين شال هر ڪنهن فرد مؤمن کي،
پرينءَ جو ديد جنين چني پير پسايو مونکي مولا اچ.

حضرت آغا عبدالستار جان سرهندي تندوسائينداد

# نعت شريف

مـــديني پاڪ ڏي مــــونکي گـــهُرائيندو رســـولُ الله،
چگي سـا چائنٽ چشـمن سـان چُمـائيندو رسـولُ الله.

(١)

سندس درجي گدائي لئي ٿيس حيـران يا قـسـمت،
پيــــارو پِرت مـــــان پنجرو پســـائيندو رســــولُ الله.

(٢)

مِنـــو پاڻي مــديني جو، مِنــا مـــاٿهـــو مــديني جا،
سَرهي سـپ خاڪ يثرب جيَ، سونگهائيندو رسولُ الله.

(٣)

بهـشـتي باغ بطحـا جا، مِنـا مِصري ڪَنان مـيـوا،
گهـٽيون گهر گام گولي کَي گـهُمَائيندو رسولُ الله.

(٤)

پرين جي پاڪ پاڙي ۾ رهي پرتوَن مـــزا مــــائيـــان،
اهو آهي عـــرض **احمد** جو اگــهـــائيندو رســـول الله.

حضرت مولانا حافظ احمد جان سرهندي
ٿدو محمد خان

# نعت شريف

مُحمد مير مدني کي مُکو رحمت ڪري مولا،
سندن تعريف ۾ نازل ٿيو ڪامل ڪلام الله.

(١)

اول سيني ڪنان، صاحب بڻايو نُور نِرملِ جو،
نبيءَ جي نُور مان پيدا ٿيو آدم صَفِيِ الله.

(٢)

ڏکر ويو ڏيهه مان، نکري وٺا بادل سندا برڪت،
ملڪ ماٺهن مبارڪ چئي يلي آئين رسولَ الله.

(٣)

ويو اونداهه عالم تان، ٿيو اسلام سان روشن،
ڪِريا ڪنگرا سندا ڪِسريٰ، ٻُتن کان پاڪ بيتُ الله.

(٤)

ڏٺي دربار ۾ دعوت ڪري ڪوٺائيو دلبر،
ملڪ مرسل عجب ۾ پيا، چيو سيني سُبحان الله.

(٥)

شفاعت عام ۾ تُنهنجي آهي اُميد احمد کي،
هُجن هردم مٿي حضرت صلواةُ الله سلامُ الله.

حضرت مولانا حافظ احمد جان سرهندي
ٽنڊو محمد خان

# نعت شريف

تنهنجي قدمن تان قربان سڄڻ،
توتان صدقي منهنجي جان سڄڻ.

هڪ جان سندم اي جان جهان،
ڇا آهي جو گهوريان تنهنجي مٿان.
توتان گهوري جانيون سارو جهان،
توتان قربان ٽني جي ڪون و مڪان،
تہ بہ تنهنجو اڃان وڌ شان سڄڻ.....

تنهنجي خاڪِ قدم سڀ روءِ زمين،
ٿيا نو فلڪ تنهنجي زيرنگين،
توکي پيرين پوندل عرش برين،
تنهنجي راهہ جو چاڪر روح امين،
تنهنجو سائي خود سُبحان سڄڻ.....

توکي عالم جو ڪُل علم أتم،
تنهنجي علم بہ قطرو جيئن قُلزم،
تنهنجي علم اڳيان ڇا لوح قلم،
توتي آهہ عيان ڪُل ڪتم عدم،
توتي پڌرو ڪُل پنهان سڄڻ.....

توکي رب ســـڏي ســـو غات ڏني،
جيـڪا تو گـهـري اُت سـاڻ ڏني،
پــر ۾ــي بـــ اجان اُن ذات ڏنـــي،
تــوکـي ڏاتــر هــر ڪــا ڏات ڏنـــي،
توکي ڏاتر بخشـيـو دان سـڄڻ.....

تـوکـي آڳي جا انعـــــام ڏني،
ســاڻ مــوليٰ پنهنجي مـــامَ ڏني،
ڪَل ڪنهن کي اُنهيءَ جي ڪام ڏني،
سڀ خلق خدا تنهنجي ســـامَ ڏني،
تنهنجي جهولي منجهه جهان سڄڻ.....

تنهنجي جهولي ۾ پيـو جملي جهـان،
لڌو هر دو جهـــان ۾ امن و امـــان،
تنهنجي سـام جا ٽيـڙا يـاڳ سوان،
لٿـــا اونـــا ابراهيم چـــوان،
ســريو عـــالم اطمـــينان ســـڄڻ.

حضرت آغا محمد ابراهيم جان

گلزار خليل سامارو

# نعت شريف

مٺڙو مٺڙو تنهنجو نام توتي سهسين صلواتون سلام،
تنهنجو پيار ڀريو پيغام توتي سهين صلواتون سلام،
يا نبي يا نبي يا نبي يا نبي ... ...

ڪفر ڪڍيو تو ملڪ مان ڪوري،ڪفر جا بُت پڇي ۽ پوري،
آندئي دين عجب اسلام، توتي سهسين صلواتون سلام.

دنيا سڀ ڪجهه توڪان پرايو،ڪُل جڳ پنهنجو جهول پرايو،
سڀ کي سڀ ڏنئي انعام، توتي سهسين صلواتون سلام.

ماٺهو جن ملائڪ سارا، تو لئي جڙيا سڀ سج چنڊ تارا،
ان ڪت خلق سندا اقسام، توتي سهسين صلواتون سلام.

سجدا توکي وڻ ٽي ڪيڙا، پيرين توکي اچي ٽي پيڙا.
حڪم مڃيو ٽي تڙ ۽ لام، توتي سهسين صلواتون سلام.

جلدي ابراهيم گهرانئج پنهنجو روضو پاڪ پسانئج،
آهي اُن ڪُٺ جت آرام، توتي سهسين صلواتون سلام.

حضرت آغا محمد ابراهيم جان سرهندي
گلزار خليل
سامارو

# نعت مُصطفيٰ
## صلي الله عليه وآله وسلم

محمد مصطفيٰ آهي، حبيب ڪبريا آهي،
اهوئي ابتدا آهي، اهوئي اَنتِها آهي.

نہ دنيا هئي نہ عُقبيٰ هئي نہ ٿي مخلوق خلقيل هئي،
مگر اول سڀني کان ٿي، رسولِ مجتبيٰ آهي.

خدا خلقيو جهانن کي، رسولُ الله جي صدقي،
اهو ٿي رحمتِ عالم، امامُ الانبياء آهي.

ذڪر اذڪار سڀ فاني مُحمد جو ذڪر باقي،
سبب هي ٿيو جو خود الله، سندن ٿي نعت خوان آهي.

صُبح سانجهي سدائين سڀ، پڙهو صلوات سيد تي،
سڀني وردن کان اعليٰ هي، وظيفو بي بها آهي.

قبر محشر ۽ دنيا ۾، مدد ڪنهن جي نہ ٿي گهرجي،
سهارو عبد جو هر دم رسولِ دوجهان آهي.

عبده عبدالوحيد سرهندي
ٽنڊو سائينداد

# اِلتجا

بحضور پُر نور سرور ڪائنات مفخر موجودات صلي الله عليه وسلم

مون کي تُنهنجو ڪرم گُهرجي،ڪَرم ڪر يا رسولَ الله،
مون کي تُنهنجو فضل گهرجي فضل ڪر يا رسولَ الله.

مُنهنجا سائين اچو جلدي، مدد ڪريو مون عاجز جي،
نظر ڪريو مون تي جلدي، پُرم سان يا رسولَ الله.

وسيلو توسوا ناهي، وسيلو ٿي تون اي عربي،
پتو فرياد منهنجو هيءُ، رحم سان يا رسولَ الله.

مُهابي اهل بيت جي، طفيلي سڀ صحابن جي،
توجه ڪُل ڪريو مون تي، ڪرم سان يا رسولَ الله.

شريعت تي عمل گهرجي، طريقت جو سبق گهرجي،
عنايت جي نظر گهرجي، مهر سان يا رسولَ الله.

غلاميءَ جو شرف بخشو، سدا هن عبد عاجز کي،
ٿين مقصد سڀئي پورا، لطف سان يا رسولَ الله.

عبده عبدالوحيد سرهندي عفي عنہ
ٽنڊو سائينداد

# نعت شريف

اسان جو پاڪ پيغمبر، مُحمد سرورِ عالم،
اسان جو شافعِ محشر، مُحمد سرورِ عالم،

ڪري معراج جسماني، ويا عرشِ مُعليٰ تي،
مليو اختيار رحماني، محمد سرور عالم.

خدا جي پاڪ هستيءَ جو، ٿيو ديدار عربيءَ کي،
آهي محبوب سُبحاني، محمد سرور عالم.

عطا ٿي ڪين سرداري، نبين ۽ رسولن جي،
اهو اعزاز رباني محمد سرور عالم.

خدا جي مهرباني ٿي، مُهابي مير مرسل جي،
مليو هي دين لاثاني محمد سرورِ عالم.

نوازش جي نظر گهرجي سدا هن عبد عاجز کي،
ڪندو احسان سُلطاني محمد سرور عالم.

عبدالوحيد سرهندي عفي عنه
ٽنڊو سائينداد

# نعت شريف

تُنهنجو نور انور هو نِقابن جي وچ ۾،
خدا پاڻ خلقيو، حِجابن جي وچ ۾.

اِها ڳالهه مذڪور حديثن ۾ آهي،
وڏي معتبر ٿي ڪتابن جي وچ ۾.

انهيءَ نور انور مان ٿي تخليق ساري،
خدا جي خدائي هئي، رازن جي وچ ۾.

تنهنجو ذِڪر اعليٰ سين ڪان ني آهي،
لکيل هيَ بيانُ ٿيو، سيپارن جي وچ ۾.

وظيفو اسان جو صبح شام آهي،
توهان جو ني نالو صلواتن جي وچ ۾.

مَدح مُصطفيٰ جي هڪ اعزاز آهي،
مِليو عبد کي هي غلامن جي وچ ۾.

عبدالوحيد سرهندي
ٽنڊو سائينداد

# سرور ڪائنات صلي الله عليہ وسلم
## جي دربار اقدس ۾ هديه صلواه و سلام

مـصطفيٰ مـجتـبيٰ تي صلواتون سـلام،
مـبتـديٰ منتـهيٰ تي صلواتون سـلام.

سـيدالانبـيـا، تي صلواتون سـلام،
زينۃ الاصـفـيـا، تي صلواتون سـلام.

جنهن جي آمد سان ٿي وئي گهڻي روشني،
اُن جي آمـد عليٰ تي صلواتون سـلام.

جنهن جي رحمت سان ڪَونُ و مَڪان آهي،
اُن جي رحـمت عُليٰ تي صلواتون سـلام.

آهي جنهن جي نگاهہ ڪرم سڀ تي،
اُن جي نوري نگاهہ تي صَلواتون سـلام.

آهي جنهن جي سـخا ۽ عطا سڀ تي،
اُن جي جُودوسـخا تي صلواتون سـلام.

تنهنجي هر هڪ ادا ٿي خدا کي وڻي،
اُن ادا با وفـا تي صلواتون سـلام.

تنهنجي هر هڪ رضـا ٿي خدا کي وڻي،
اُن رضـا پُر ضـيـا تي صلواتون سـلام.

سـبز گنبد ۾ جيڪـو مَڪين آهي،
اُن خيـرالوريٰ تي صلواتون سـلام.

سر زمين عرب جي جنهن مقدس كني،
أن نورالهُدىٰ تي صلواتون سلام.

صدق ۾ تيو صديق سين كان مٿي،
أن صاحب تُقىٰ[1] تي صلاوتون سلام.

عدل ۾ تيو فاروق سين كان مٿي،
أن صاحب نُهىٰ[2] تي صلواتون سلام.

با ادب باحيا ٿيو عثمانِ غني،
أن جي ادب و حيا تي صلواتون سلام.

شيرِ يزدان عَلي ٿيو سين جو ولي،
أن جي همت عُليٰ تي صلواتون سلام.

اهل بيتن جو جيكو امام آهي،
أن حسن مجتبىٰ تي صلواتون سلام.

سيدُ الشُهداء كان ٿيو راضي نبي،
أن حسين مُرتضىٰ تي صلواتون سلام.

صالحن صديقين ۽ شهيدن مٿي،
أن جي نسبتِ عُليٰ تي صلواتون سلام.

"عبد" كي عربي جي هي غلامي ملي،
أن جي خدمت عُليٰ تي صلواتون سلاَم.

عبدالوحيد سرهندي عفي عنه
ٽنڊو سائينداد



(١) پرهيزگار (٢) عقلمند

# نعت شريف

## هديہ صلواۃ و سلام

يا محمدُ مُصطفيٰ توتي صلواتون ۽ سلام،
يا حبيبِ كِبريا، تُوتي صلاتون ۽ سلام.

رات ڏينهن شام و سَحر هر وقت ۽ هر هنڌ پر،
منهنجي طرفان هر مَهل، توتي صلواتون ۽ سلام.

حَق تعاليٰ ۽ فرشتا موكلن ٿا هر زمان،
يا رسولِ مجتبيٰ توتي صلواتون ۽ سلام.

حُكم آهي مومنن، هر دم پڙهن توتي صلوات،
دل جي عقيدت سان سدا، توتي صلواتون ۽ سلام.

دل جي صداقت سان سدا مؤمن پڙهن ٿا هر زمان،
يا شفيعَ المُذنبِين، توتي صلواتون ۽ سلام.

صَاحبِ لولاكَ سائين مالك مُختار كُل،
رحمةً للعٰلمين، توتي صلٰواتون ۽ سلام.

اعليٰ ٿيو تنهنجو ذكر ۽ خاص تنهنجي شان پر،
كولي پڙهو قرآن كَي توتي صلواتون ۽ سلام.

تنهنجي شفاعت عام ٿي آهي سين اُميد هي،
بخشجي ويندا سيني، توتي صلواتون ۽ سلام.

نُور تنهنجي مان خدا پيدا ڪيا سارا جهان،
ناهي مِثل تون ڪنهن بشر، توتي صلواتون ۽ سلام.

دربار رب جي ۾ سدا تنهنجو وسيلو ٿا وٺون،
بي ڪس جا يـر جهلا، توتي صلواتون ۽ سلام.

مؤمن ڪي ساهہ کان ويجهو آهي عربي رسول،
فرمان ٿيو مالڪ جهان، توتي صلواتون ۽ سلام.

چئني صحابن تي سدا رحمت آهي رحمٰن جي،
۽ اهل بيتن تي سدا، توتي صلواتون ۽ سلام.

هر هڪ صحابي بي مثل، ثاني نہ تن جو ڪو اصل،
۽ نيڪ اُمت تي سدا، توتي صلواتون ۽ سلام.

علم توکي سڀ عطا ڪيا رب پنهنجي فضل سان،
احسان ٿيو الله جو، توتي صلواتون ۽ سلام.

عرض آهي عبد جو، مون کي گهرائي مصطفيٰ،
مُلڪ پنهنجي ۾ سدا، توتي صلواتون ۽ سلام.

"عبده" عبدالوحيد سرهندي
ٽنڊو سائينداد

# نعت شريف

(١)

شـوق منهنجو آهي هر هر، يا شـفـيعَ المُذنِبين،
ٿي رهي دِل منهنجي مُضطر، يا شـفـيعَ المذنِبين.

(٢)

کڍ نقـاب از روءِ أنور يا شـفـيعَ المُذنِبين،
ديده دل کر مُنور يا شـفـيعَ المُذنِبين.

(٣)

تشنئہ ديدار کي سـيـراب کر بهـر خدا،
مـالکِ تسنيم و کَوثر يا شـفـيعَ المُذنِبين.

(٣)

نُور تنهنجي مـان سـين کي ٿي عطا جلوه گـري،
واه تون خورشـيـد أنور يا شـفـيعَ المُذنِبين.

(۴)

جاده[١] ايمان تي منهنجو خاتمون ٿـئي خيـر سـان،
منهنَجا هادي منهنجا رهبـر يا شـفـيع المذنبين.

قاضي اسدالله شاهہ "فدا" ٺکرائي



١. رستو ۽ واٽ

# نعت شريف

(۱)

كير فخر المرسلين ٻيو ماسواني مُصطفيٰ،
كير روز حشر شافع، ٿيو وراني مُصطفيٰ.

(۲)

كنهن كي ٿيو قرب خدا، اهڙو سواني مصطفيٰ،
عرش فرش مصطفيٰ توسين جاني مصطفيٰ.

(۳)

كنهن كي ٿي مُهر نبوت ما سواني مصطفيٰ،
كير ٿيو ختم رسالت ماوراني مصطفيٰ.

(۴)

ڏي مون كي دارين ۾ يا رب بَراني مصطفيٰ،
ذوق عشقِ مصطفيٰ شوقِ لقاني مصطفيٰ.

قاضي اسدالله شاھ "فدا" ٽكڙائي
وسين ملوك شاھ

# نعت شريف

مَحبوب خدا مونکي مديني ۾ گهُرائي، ديدار ڪرائي،
شب روز جُدائي ٿي سندم جان جلائي، ديدار ڪرائي.

(١)

هي آس اندر ۾ آهي ٿيان اچي حاضر، اي بنده٘ پرور،
بدڪار کي هن بند مان جلدي تون ڇڏائي، ديدار ڪرائي.

(٢)

شب روز روني راھ مديني جي نهاريان، هنجون هجر مان هاريان،
مشتاق کي مولا سِگهو محبوب مِلائي، ديدار ڪرائي.

(٣)

ڪج مون تي شفاعت جي نظر آهيان گنهگار، اي سيد ابرار،
**حافظ** کي سڪرات جي سختي کان ڇڏائي، ديدار ڪرائي.

محمد حافظ شاھ ٽڪڙائي
وسين ملوڪ شاھ

# نعت شريف

جُدائي ۾ حـــبـيـب جي جَلي جِند جَان دل منهنجي،
ڪڏهن ملندا وري جاني سڪي ساري ٿي دل منهنجي.

(١)

سڄڻ جي سهڻي صورت سان، نہ مٽ مهتاب ٿي سگهندو،
پسڻ خاطر پرينءَ جي ٿي رهي بي تاب دل منهنجي.

(٢)

عـرض شام و صبح آهي صـلاتن ۽ سـلامن سـان،
درودن ۽ دُعـــائن ســـان ڪري فــرياد دل منهنجي.

(٣)

تون ني روشن شـمع آهين، پتنگ وانگر ٿـني قـربان،
سندني قـدمن مٿان صدقي سچا سـردار دِل منهنجي.

(٤)

صـدا **حافظ** جي آهي هي گـــهـــرايو جلد يثـــرب ۾،
ڪري ديدار روضي جو ٿـــني شل شـــاد دل منهنجي.

محمد حافظ شاهہ ٽڪڙائي
وسين ملوڪ شاهہ

# نعت شريف

مــبــارڪ صد مــبــارڪ آهي مــحــبــوبِ خدا آيو،
اســان عــاصين گنهگارن لئي تي شــافع وريٰ آيو.

(۱)

ڪيــو روشن اچڻ ســان جنهن زمين ۽ آســمــانن کي،
اهو مــحــبــوب ربُ العــالمين خيــرالوريٰ آيو.

(۲)

ڪري تارن ڪيا سجدا نبيءَ جي نور جي سامهون،
ثَــيــا هر دُوجهــان روشن نبيءَ نُورالهــديٰ آيو.

(۳)

هلي جبرئيل امين آيو ڪرائڻ ســيــر ســيــد کي،
شبِ مــعــراج بر عــرشِ عُليٰ تي مــصــطفيٰ آيو.

(۴)

چمن سان چار مرسل جي سُڪا وڻ ٽي ويا ساوا،
ٿيا گلزار ۾ گل ڦُل حــبــيــبِ ڪبــريا آيو.

(۵)

ڪلي خوشبوءِ ڪتوري جي هلي هر هنڌ سَا هبڪار،
نہ ٿي حافظ ڪڏهن غمگين اجهــو شــافع وريٰ آيو.

محمد حافظ شاھ ٽکڙائي وسين ملوڪ شاھ

# نعت شريف

محشر ۾ موٽ مرسل، واهر ٿي مون ولهيءَ سان.
هيڪر هلان مديني، ڪر مهر مون ڏليءَ سان.

(١)

عيبن ڪان آجي ناهيان، در تنهنجي عاصي آهيان،
چانئنٿ چمڻ ٿي چاهيان، ڪر پيال مون ٻُليءَ سان.

(٢)

محبوب تون سبحاني، رحمان جو تون جاني،
تنهنجو نہ ڪوئي ثاني، ڏِڌ ٿيج مون ڏُلهيءَ سان.

(٣)

سانديان سدا تہ سڪ ٿي، هر دم هنئين کي ڇڪَ ٿي،
قسمت منهنجيءَ جي چُڪ ٿي، ڪر رحم مون رُليءَ سان.

(٤)

دل سان دانهن ڪريان ٿي، شب روز مان رڙان ٿي،
"مهجور" جو ٿي ساٿي، ڪوثر پيان عليءَ سان.

سيد ميران محمد شاهہ ٽڪراڻي
وسين ملوڪ شاهہ

# نعت شريف

بَشر کان ڪينن پُڄي سگھندي ثنا تي سرورِ عالم،
خدا خود ٿــو رهي مِدحت سَرائي ســـرورِ عـــالم.

(۱)

لکين دنيا اندر ٿيا انبيـا، ۽ اوليا، هادي،
مگر هڪڙو به ناهي ڪو بَجائي ســرورِ عـــالم.

(۲)

شبِ معراج ۾ مولئ گھرائي مير مرسل کي،
ڏنـــو رب عـــرش اعلئ تي لِقـــا، ســـرورِ عـــالم.

(۳)

نہ ان کي غم قيامت جو، نہ خطرو خُوف دوزخ جو،
رهي جو جان ۽ دل ســان فـدائي، ســرورِ عـــالم.

(۴)

شـفاعت ڪج شَفيعُ المذنبين مَحشـر ۾ اُمت تي،
عـذابِ نار دوزخ کـان بچائي سـرورِ عـالم.

(۵)

سڪايل سعيد جي شام و سحر هي التجا آهي،
سگھـو مون کي مـديني ڏي سڏائي سـرورِ عـالم.

محمد سعيد شاهہ ٽکڙائي وسين ملوک شاهہ

# نعت شريف

يثرب ڏي وٺي مونکي هلو ساڻ خدارا، او قافلي وارا،
هيکر مان ڏسان شال مديني جا مُنارا. او قافلي وارا.

(۱)

هڪ پَل ۾ هلي شال مديني کي رسان مان، پنجري کي پسان مان،
فرقت ۾ محمد جي سندم دل ٿي سيپارا. او قافلي وارا.

(۲)

سيني ۾ اٿم شوق ڏسان روضہ انور درگاهہ پيغمبر،
دل کي ٿا وٺن يثرب جي گلشن جا نظارا. او قَافلي وارا.

(۳)

پيغام ڪجئين پيش هيءُ درگاهہ نبي ۾، سرڪار نبيءُ ۾،
ديدار جي سائل کي سڏيو جلد پيارا. او قافلي وارا.

(۴)

شب و روز هجر ۾ روئي، ديدار جو سائل، هي سعيد سڪايل،
رستي ۾ وساري نہ وڃو تنهن کي دلارا. او قافلي وارا.

محمد سعيد شاهہ ٽکڙائي
وسين ملوڪ شاهہ

# نعت شريف

ننهن ۽ چوٽي آنون خطا،
۽ سرتا پا پاڻ عطا.

روح ر جيمر نہ تو مولئ،
سير نہ ٿي تني چشم ڪُشا.

جڳ مگ، جڳ مگ، جڳ سارو،
سرمون اک جو خاڪِ پا.

مؤمن ڪارڻ چانو چمبر،
ڪافر جي لئي حرف دُعا.

آن جي در ڪان دور رهي،
جي بہ جيا، سي جاڙ جيا.

شرف حسينيءَ کي مليو،
ڪري اوهان جي مدح ثنا.

سيد امداد حُسيني
حيدرآباد

# نعت شريف

لاالـــه الاالله، جي لات وٺـــي ٿـــي لـــولـــي،
دمَ دم دلَ ۾ ياد نبي اها ٻاجهـــ يـــري آهي ٻولي.

(١)
ڪي شان گهُرن توڪان مَانُ نبي، ڪي سُوپ گهُرن سلطان نبي،
ڪي داتا گهُرن توڪان دانُ نبي، مونکي گهوٽ بنايو گولي.

(٢)
ڪي فيض گهرن ٿا فقيريءَ جو، ڪي امداد گهرن ٿا اميريءَ جو،
ڪي پيغام گهرن ٿا پيريءَ جو، آئون ڳوڙهن ڳلين منجهه ڳولي.

(٣)
مون ڪي مهاجر ڪري تون مار نبي، دوست رهائي دربار نبي،
دم دم ۾ رهي ديدار نبي، چمـــڪـــار اندر چولي.

(٤)
ڪي زر گهـرن ٿا زيب نبي، ڪي لاڳ گهـرن لاريب نبي،
آئون گلشن گهران ٿو غيب نبي، لاهيو ڏک فراق جي ڏولي.

(٥)
زيارت گهري هي زينل ٿو، مـنـا مير مديني جا مرسل تو،
هـي پير پُڪـــاري پلپل پيـــوَ، اها هر هنڌ لايو هولي.

پير زين العابدين شاهه ، نوراڻي شريف

# نعت شريف

اڄ تہ آڌي رات جو مونکي سهڻو سرور ياد پيو،
منهنجي تنڊ نيڻن جي ڦٽي مونکي هوت هر هر ياد پيو.

(١)
عشق ٻارڻ ٻاريا مون ماڳ مديني جا ساريا،
گهوڙا، آئون گهر ڪنين گهاريان مون کي گهوٽ گوهر يا پيو.

(٢)
مَايُن ٻَيتي ساريان هر دم هنجون وينئي هاريان،
پنجري لنئي پلپل پڪاريان مون کي محراب منبر ياد پيو.

(٣)
سنڌ ۾ سڪندي ٿي مران، واحد گهرائي شَل وران،
پاڙي تہ پرين پَران، مونکي ڪيف ڪوثر ياد پيو.

(٤)
سر بسر ساڳي سُتَي مون هوت ڏٺڙو هو هِتي،
پنجرو پسان شل آئون اتي، مونکي جلوي جوهر ياد پيو.

(٥)
منجهہ سُتي سَپني وري، ديدار ڪيڙي دل چري،
منهنجي آڳ اندر تي ٻري، مونکي رات رهبر ياد پيو.

(٦)
هن ضعيف زينل کي سڏي، گهايل رتو گولو گڏي،
هي ڇورو نہ ڏيو دلبر ڇڏي، جنهن کي محب منور ياد پيو.

زين العابدين شاه
نوراني شريف

# نعت شريف

محبوب جي محفل ۾ ڪيڏو نہ مزو آهي،
هڪ نعت حبيبن جي سڀ درد ڇڏي لاهي،

ڇا بخت ڀلن جو آ، آيا جي هتي آهن،
هيءُ گهر خدا جي آ، هتي زور ڪنهنجو ناهي.

رب پاڪ ٿئي راضي، جنهن پنهنجي ٻانهي ڪان،
اُن بندي کي مولئٰ، اِت يار ٿو ڪوناني.

ڪُل عاشق هت ايندا، غدار جو ڪم ناهي،
بس پاڪ غذا کَي ٿي، ٿو پاڪ جسم ڪاني.

ڪيڏو نہ مٺو نالو آ، سرڪار مديني جو،
هر عاشق اکين مان پيو، نير ٻڏي وهائي.

ڪيڏي نہ ڪشش آهي اي پير ذڪر ھن ۾،
پروانا اچن پيا ٿا، ڪاٺئون جو ڪٺئون ڪاهي.

پير غلام جيلاني شاهہ
نورائي شريف

# نعت شريف

آرزو آ، موت تنهنجي منجهه قدمن ۾ وڃي،
تنهنجي چهري جو صبح صادق سان درشن ۾ وڃي.

(١)
ساهه منهنجي ۾ سمايل، شهد شربت جان هُجين،
جسم سارو ميٺ، اِن ماکيءَ جو برتن ۾ وڃي.

(٢)
جي پَٽيان سامهون هُجين، جي پوربان توکي پسان،
رات ساري بسر تنهنجي، منجهه خوابن ۾ وڃي.

(٣)
تنهنجي عزمت کي ڏسڻ، چاهيان اچان بالا بُلند،
تنهنجو خادم هاڻ هرکو، مرد ۽ زن ۾ وڃي.

(٤)
پير جي اکين اندر، اوطاق پنهنجي کر اچي،
تون روح ۾ مان جسم ٿيان، اهڙو هي تن من ۾ وڃي.

پير غلام جيلاني شاهه
نورائي شريف

# نعت شريف

رســــولُ الله جي ســــاراهه ۾ آهي زبان صـــدقي،
زمين صدقي، زمان صدقي ۽ منهنجو جسم جان صدقي.

سندن گــفــتــار جي گــوهر مَثّان دُرِ عــدن صــدقي،
سندن رفــتــار خوش اطوار تان ســارو جهـان صـدقي.

لبن لعلن مَثّــان ياقــوت گــوهر لعل سڀ صـــدقي،
تــيــو آمــاهِ نوراني مُبــارڪ منهن مــثّــان صــدقي.

توهان جي عشق ۾ **ناظم** رهي ٿـو سَيّدا صـدقي،
ڪيـو اُن تي نگاهِ لطف رب مِـهربان صــدقي.

مولانا محمد ابراهيم ناظم
ڳڙهي ياسين

# نعت شريف

رَسولُ الله جو روضو ڏيکاريندم مٺو مولئي،
۽ پاڻي کوه زمزم جو پياريندم مِٺو مولئي.

(١)

چُمي چانئٺ پيغمبر جي سعادت شل کندس حاصل،
مُٺل دِل آه جا منهنجي جياريندم مٺو مولئي.

(٢)

حَرم حضرت جو ٿو ساريان نمازون شل اتي پڙهندس،
محبت مصطفيٰ جي خاص ڏياريندم مٺو مولئي.

(٣)

مديني جي گهٽين جون جي ۽ ديواريون تنهن چمندس،
بقيع جو، جو مُقام آهي گهمائيندم مٺو مولئي.

(٤)

روئيندس مان سچي سردار جي روضي اڳيان هر هر،
ادب سردار جا حاصل ڪرائيندم مٺو مولئي.

(٥)

ديهاتي کي سدائين آسرو سَيدَ سچي ۽ هيءَ،
مرڻ جي ويل ڪلمي سان اُماڻيندم مٺو مولئي.

مولوي قاضي نظر محمد سومرو "ديهاتي"
ديهات شريف – ڪنڌيارو

# نعت شريف

مون کي ٻيو ڪو نہ ٿو گهرجي سوا تو يا رسولَ الله،
گهران ٿو توکان ٿي تنهنجو مُهابو يا رسولَ الله.

(١)
پُڪاريان ٿو توکي پلپل، ڦَٽي آهي فِراق دل،
جُدا توکان ٿيڻ مشڪل، جياپو يا رسولَ الله.

(٢)
تڪيندي تنهنجي محفل کي، لنگهي ويا سال سائل کي،
اچي ڏي ڪو ڦٽيل دل کي، دلاسو يا رسول الله.

(٣)
سدا سِڪ آهي سيني ۾، مَران شل مان مديني ۾،
مونکيِ حج جي مهيني ۾، گهرايو يا رسولَ الله.

(٤)
عزيز آهي سدا عاصي، تنهنجي ديدار جو پياسي،
مُدامي تنهنجو ميراسي، ثناگو يا رسولَ الله.

عبدالعزيز "عزيز" ابڙو
پيارو واهڻ-ڏوڪري

# نعت شريف

مُنور ٿي ويو عالم، ٿيو نورِ خدا پيدا،
قريشي هاشمي سيد، محمد مصطفيٰ پيدا.

سَرِ تسليم خم، حور و ملڪ جنُ و بَشر آهن،
چيو فِطرت تہ اڄ اهڙو نہ ٿيو آ پيشوا پيدا.

رِسالت جنهن تي شيدا ۽ نبوت جان فدا جنهن تي،
مُبارڪ سو ٿيو دنيا ۾ خَتَمُ الانبياء پيدا.

خدا جو عرش اعظم هن زمين تان تو ٿني صدقي،
جو عبدالله جي گهر ٿيو حبيبِ ڪبريا پيدا.

مُبارڪ صد مبارڪ باني، صَد انقلاب آيو،
قدم جنهن جي سان ٿي ويو فيضِ قُدرت جا بَجَا پيدا.

مٽايو فرق جنهن آهي فقيري ۽ اميري جو،
اَخُوت جو علمبردار ٿي ويو مَرحبا پيدا.

گداگر جنهن جي دَر جا بادشاهن کان ٿيا بهتر،
ڏني جنهن دين جي دولت، ٿيو سو دلِربا پيدا.

اثرَ اُبري پيا آهن هزارين آسرا دل ۾،
ٿيو امت جي آڌر شافعِ روز جزا پيدا.

عبدالله "اثر"
بيڙو چانديو لاڙڪاڻو

# نعت شريف

منهنجو مصطفيٰ پاڪ پڏرو لکن ۾،
جيئن گل گلابي آ سهڻو گلن ۾.
حشر ويل هوندا سوين راڄ راڻا،
تنين مان محمد پري ڪان سڃاڻا.
هوندس چوٽڪاري جو جهنڊو هٿن ۾.
ڪندو هرڪو پنهنجي رکي جان پُختي،
محمد ڪي من ۾ يا اُمتي يا اُمتي
اهڙيون سَوَ سچايون ڏيکاري ڏکن ۾،
جهنم ڪي جنهن ڏينهن هوندي موج مَستي،
اُنهي باهه کي پي هٽائي ڪا هستي،
ڪري پار ڪشتي آڻيندو امن ۾.
ڏکن ۽ ڏولاون جي ڪا پرواه ناهي،
ضعيفن جو ضامن ڏيندو راه ناهي،
اچي پاڻ بيهندو سُو سَرور صفن ۾.
شڪر ڪر مهيسر شفادار مليو،
پڪو ساٿ ڏيندڙ وفادار مليو،
غلامِ نبي تي خوشي هر وطن ۾.

حاجي غلام نبي مهيسر ميهڙ

# نعت شريف

حاجي وڃو ٿا حج تي روني پيغام چنجو،
سڄ پيرا سِر جُهڪائي منهنجا سلام چنجو.

(١)
بدڪار آهيان ٻُڏڙو، رحمت رسول ڪر تون،
ڪر معاف تون مدايون شفقت رسول ڪر تون،
آهي سدائين لب تي هر وار نام چنجو.

(٢)
حُب آ حضور مونکي هيڪر اچان مديني،
يا مصطفيٰ منارا تنهنجا ڏسان مديني،
سنڌ ۾ نہ آهي مونکي، ڪوني آرام چنجو.

(٣)
**درگاهي** چني ديوانو آهيان تنهنجي سهاري،
هيڪر اچان مديني پلپل پيو پڪاري،
روهڙيءَ ۾ پيو گذاري غم ۾ غلام چنجو.

درگاهي روهڙي شريف

# نعت شريف

الاهي جلد قسمت كر مديني ڏي تون اڄ كلهه ۾،
محمد جي محبت جو جاڳايو جُوش كو دل ۾.

(۱)

مَديني ڏي سفر كندي مَران شل مان مُسافر ٿي،
پلي لاشو رُلي منهنجو عرب جي پاڪ جهنگل ۾.

(۲)

وڃي واٽون مديني جون كريان پنڌڙو پيادل ٿي،
وتان پنندو فقيرن جيئن پايو كفني كٽي ڳل ۾.

(۳)

عَرب جا مرون كاٽن لتون ڏني لاش منهنجي كي،
مُلن كي ڇا كندو منهنجو نہ كم كوني كفن ڦل ۾.

(۴)

غلامِ رسول آهيان غمن ۾ هت پيو گهاريان،
مديني لئي سكي منڙس عمر گذري ٿي جنجل ۾.

حاجي غلام رسول جتوئي
محراب پور ڏوكري

# نعت شريف

شانِ رسالت مولئ ڄاڻي ٻي ڪي طاقت ناهي،
مالڪ جو محبوب محمد ڪونهي ڪنهن کان دور،
نبي سائين نور آ، حق نبي سائين نور آ.
آئي ڄام محمد جي پيا پٽر پڙهن صلواتون،
مَلڪ فلڪ تي ڳائن دم دم نور نبيءَ جون نعتون،
اهڙي شان مبارڪ وارو آ حضرت پاڪ حضور،
نبي سائين نور آ، حق نبي سائين نور آ.
جڏهن پڙهون ٿا درود سچڻ تي پاڻ درود ٻُڌن ٿا،
روضي اطهر پاڪ منجهاران جلد جواب ڏين ٿا،
چو نہ چوان مان سهڻو محمد زنده آهي ضرور،
نبي سائين نور آ، حق نبي سائين نور آ.
حاضر ناظر منهنجو سائين حڪم خدا سان آهي،
اهلِ سنت وارو عقيدو يار اهوئي آهي،
تون نہ ڏسين ٿو تنهنجي آهي پانو اک جو قصور،
نبي سائين نور آ، حق نبي سائين نور آ.
سهڻي عربي ڄام جي آئي تي ويون سڀ سٺايون،
تون مان ويهي اُن محبوب جون نعتون اڄ ٿا ڳايون،
نثار ڪبر تيو جنهن جي صدقي ملڪن ۾ مشهور،
نبي سائين نور آ، حق نبي سائين نور آ.

نثار احمد ڪُبر
ڳوٺ صادق ڪبر- تعلقہ نري ميرواھ

# نعت شريف

اي قلم لک، باعث ايجاد عـــالم جي ثنا،
باني، اسَــلام ۽ سَـــالارِ اعظم جي ثنا.

سَيدُالثقليَنِ مــحــبــوبِ خدا نُورالهُديٰ،
ڪاَشفِ سِرِ حـقـيـقت، راز مَـحـرم جي ثنا.

ٿي بيـــان، واَلشـــمس ۾ روءِ منور جي ثنا،
ڏس وري واَليلِ ۾ تون زلَف خم(١) خم جي ثنا.

خاتمِ مُهـــرِ نبـــوت ۽ امـــامُ الانبـــيـــا،
فـخرِ عيسيٰ فـخر موسيٰ فـخر آدم جي ثنا.

واَلضُحيٰ والفَجرِ ۽ يٰس طٰـــه شـــان ۾،
پڻ مُزمِلُ ۾ رســـولِ پاڪ اڪرم جي ثنا.

يا خدا ڪر عشق احـمد جو عطا مجروح کي،
تا بَمحَشر پيو ڪري هو تنهنجي مرسل جي ثنا.

عزيزالله مجروح



(١) وڙوارا وار مُبارڪ

# نعت شريف

مان ڪريان قُربان عربيءَ گهوٽ تان جند جان مال،
ڪونه ٿيو ثاني سندس جو آهي سيد بي مثال.

(١)
سِڪ اٿم سيني اندر مُرسل سندي ديدار جي،
جنهن سِوا هر هڪ جُدائي جي گهڙي آهي سال سال.

(٢)
مُحب مَدني کان جُدا، منهنجو هتي ڇاتي خُدا،
رهڻ ڏکيو ٿو ٿئي ۽ زندگي آهي جنجال.

(٣)
هڪ دفعو زيارت ڪريان منڙي مُحمد مير جي،
تان لهي هي منهنجي دل جو دَردَ ڏک غم ۽ ملال.

(٤)
يا خدا ڏي تون ٿمر، ڪريان مديني ۾ مان گهر،
تو اڳيان سائينَ سچا ڪجهه بي نہ آهي هيءُ محال.

(٥)
لک اڳي احسان ڪيا **قاضي** متان خيرالوريٰ،
جاءِ پيراندي ڪان ڏي زياده ڪري مون تي هي پال.

قاضي صاحب ماتلي

# نعت شريف

سچا سرور پربن پرور، پيارا يا رسولَ الله،
وسيلا بي وسيلن جا، پلارا يا رسولَ الله.

(١)
تنهنجي ڇاپڻ سان اي جاني، ڀڄا سڀ ڪوٽ ڪُفراني،
وڳا هر سُو مسلماني، تغارا يا رسولَ الله.

(٢)
شفيع المذنبين حضرت، توکي الله ڏني نُصرت،
ملائڪ ڪن تنهنجي خدمت، دلارا يا رسولَ الله.

(٣)
ڏکي سرتاج لَولاڪي، ڪيو تو سير اَفلاڪي،
نہ ڇاٺان ڇا رهيو باقي، پلارا يا رسول الله.

(٤)
منا مشفق اڙين آڌر، اُداسي دل ڇوي هر هر،
پسان تنهنجا اچي هيڪر، منارا يا رسول الله.

(٥)
نظامي تي نظر ڪريو، بڻايو چاهہ ۾ ڇَريو،
پلئہ اميد سان پريو، خدارا يا رسول الله.

غلام احمد نظامي ڪراچي

# نعت شريف

زمـــاني جي پسنديده نظارن ۾ مـــحـــمـــد آ،
نمازِ عـــشق الفت جي اشـــارن ۾ مـــحـــمـــد آ.

رهي ٿـو قرب جو ڪاڏو سدا محبوب مرسل سان،
جهـــانِ آرزو جي چنڊ تارن ۾ مـــحـــمـــد آ.

حـــبيب ڪبـــريا ســان رک صـداقت دائمـا دل ۾،
چون ٿـــا دردمندن صـــدق وارن ۾ مـــحـــمـــد آ.

لڳي ويو عشق جنهن کي مصطفيٰ جو، اُن کي ڪهڙو غم،
رهن غارن ۾ يارن ۾ ســـهـــارن ۾ مـــحـــمـــد آ.

ڏچون چو بحر دنيا ڪان جڏهن ساٿي ٿيو پنهنجو،
ڪُنن ۾ ســـيـــر ۾ مـــوجن، ڪنارن ۾ مـــحـــمـــد آ.

ڪيـــو قـــربان جن ســر ســاهه آهي دين جي صـدقي،
اي "ســـالم" تن مـــحبن جان نثارن ۾ مـــحـــمـــد آ.

محمد حسن "سالم" لاکير
ميهڙ

# نعت شريف

مَچي وني ڏوهر عـــالمَ ۾، مُحـــمـــد مـــصطفيٰ آيو،
پڙهو صَلِ عَليٰ خيـــرُ البـــشـــر خيـــرُالوريٰ آيو.

شـريعت ختم ٿي جنهن تي، سـو خَتمُ الانبـيـا ، آيو،
اُجهــو ۽ آســرو اُمت جو احـــمــد مــجتـبيٰ آيو.

قيامت جو نہ کنهن کي خوف، هو گمراهہ هر ڪوني،
هدايت لاءِ هادي ٿي، اســـان ڏي رهنمـــا آيو.

هلي وني ڪفـر جي ظلمات، دنيـا ٿي سـجي روشن،
ڪـــئي جو شـــمع ايمان خود نبي نور الهُـــديٰ آيو.

ڇيـو عـاصين اجهـو ٿـا پار پهچون بحرِ عصيان جي،
گنهگارن جي ڪِشـــتي جو جڏهن هي مُقـــتـــدا آيو.

خوشي هر دوسـرا ۾ ٿي، سـجي ڪَونُ وَمَڪان ۾ ٿي،
ڇـني خوش ٿـني ٿـو هر ڪو، زينتِ اَرض وَسـمـا آيو.

فقط هڪ قـوم لئي آيو، نبي دنيـا ۾ پيـو هر ڪو،
مگر ســاري زمـــاني لاءِ هڪ هي پيـــشـــوا آيو.

نواز آهي اها اُمـــيـــد، سـب کي نينـدو جنت ۾،
قـــيـــامت ۾ جڏهن هي شـــافعِ روز جزا آيو.

نواز علي ناز

# نعت شريف

آهي نبي اسان جو بيشڪ حيات يارو،
دل سان پڙهو مٿانئس، مڙني صلوات يارو.

محبت بنا محمد، اسلام ڪجهه به ناهي،
ري حُب هاشمي جي، ناهي نجات يارو.

هتڙي به حامي آهي، سَڪرات ۾ به برحق،
الله آهي شاهد بعد از مَمات يارو.

نيڪن ڪي نيڪ عمل تي آسرو وليڪن،
احمد تي آسرو آ مڙني عُصات(۱) يارو.

وس ڪان ٿيس مان بيوس منهنجو نه وس اي يار،
تن ۾ مدام مرسل جي آهي تات يارو.

**عبدالڪريم** عاشق جو ورد ۽ وظيفو،
صلوات جي سدائين وائي آ وات يارو.

مولوي عبدالڪريم ڪُهاڙو
لاڙڪاڻو



(۱) گنهگارن

# نعت شريف

يا رسول الله تنهنجو جلوو هَر شئي ۾ ڏسان،
عرش تي ۽ فرش تي تنهنجي حڪومت ٿو پسان.

(١)

منتهيٰ طوبيٰ جي پَن پَن تي اسم تنهنجو لکيل،
خاڪ قدمن پاڪ جي حورن جي اکين ۾ پيل،
شان بي پايان تنهنجي ۾ لاٿو قادر قرآن.

(٢)

هَر ورق توراة ۾ تنهنجي ثنا ۽ نعت آ،
شاهدي انجيل ۾ تنهنجي نوراني ذات آ،
نور تنهنجي مان ٺهيا تارا ڪتيون ۽ آسمان.

(٣)

روزِ محشر هوندي بُلند ڪرسي سِين ڪان شاهه جي،
پيار مان فرمائيندي ات ذات اُنهن الله جي،
جيئن وٺي تنهن کر سڄڻ دفتر سارو تنهنجي اڳيان.

(٤)

يا شفيعَ المُذنبي ڪر پاڄهه **شمسي** جي مڻان،
عشق ۾ عربي تنهنجي شَل دم ڏني تو وٽ مران،
مرڻ ويلي ڪلمون طيب ۽ صلواتون مان پڙهان.

شمسي

# نعت شريف

عرب تنهنجو مدني عجم تنهنجو مدني،
آهي لوح تنهنجو قلم تنهنجو مــدني.

(١)

اشاري سان تنهنجي پٿر ترندي آيو،
شهادت جا ڪلمان پٿر پڙهندي آيو،
ادب سان شتر مست زمين چمندي آيو،
حيوانن پکين تي حڪم تنهنجو مدني.

(٢)

مولا جو مُلڪ سو ملڪ تنهنجو مدني،
ڪتيون ٽيڙون تارا فلڪ تنهنجو مدني،
خدا کان جدا ناهي پلڪ تنهنجو مدني،
همعصر نه پائيان قسم تنهنجو مدني.

(٣)

تو بيت المقدس جي ڪني پيشوائي،
دو عــالم جي تو ڪني رهنمـــائي،
ملڪن جنن کي تو تسبيح پڙهائي،
نبين سين تي قــدم تنهنجو مــدني.

(٤)

علم تنهنجو ســـرور خفي ۽ جلي آ،
دنيــا آخرت ۾ مـــدني تو يلي آ،
ڪيي رحم تنهنجو ڪرم تنهنجو مدني،
تنهنجي در تي شمسي جهولي جهلي آ.

شمسي

# نعت شريف

لک بار مبارڪ امت کي سردار محمد آيو آ.
ميلاد ملهايو محبت سان منٺار محمد آيو آ.

(۱)

جنهن لاءِ سڪياسون سال سوين، محبوب جا ٽيڙا پال سوين.
هر حال ۾ ٿيا خوشحال سوين، منهنجو محمد آيو آ.

(۲)

احسان هزارين آب مليا، صد رحمت جا هت باب کليا،
هت عشق حسن جا حساب هليا، انوار محمد آيو آ.

(۳)

ٿي فرت نظير نيازن جي، ڪٿ رمزن جي ڪٿ رازن جي،
اڄ رات پلي شهبازن جي، سينگار محمد آيو آ.

ماستر نظير بلالي

# فارسی نعتون

# مُناجات بابرکاتؔ

## از قلم قیومِ جهان حضرت شاه صفی الله مجددی سرهندي قدس سره العزیز

الٰہی گرچہ بدکارم عقوبت را سزاوارم

الاهي جيتوڻيڪ آئون بدڪار آهيان ۽ آئون (تنهنجي) سزا جي لائق آهيان

اُمید از حضرتت دارم توئی رحمٰن یاالله

(مگر) آئون تنهنجي ذات اقدس ۾ اميد رکان ٿو (ڇوته) تون ئي نهايت مهربان آهين ياالله.

نہ صوم و صلوٰۃ از من نہ حج و نہ زکواۃ از من

نه منهنجون نمازون ۽ روزا آهن نه منهنجو حج ۽ نه منهنجي زڪواة آهي

نہ سعی در ثبات از من بجز بطلان یاالله

مون نيڪي جي ڪم ۾ گناهن کان سواءِ عمل نه ڪيو يا الله.

من از حُسنِ عمل دورم بداغِ فسق ناسورم

آئون نيڪ عملن کان دور آهيان (۽) گناهن جي داغ سان ڦٽيل آهيان.

عیاں چوں قصر معمورم نہاں ویران یاالله

ظاهر ۾ محل وانگر خوبصورت آهيان ۽ اندر منهنجو ويران آهي يا الله.

بہ صورت شیخ صنعانم بمعنٰی ننگ گبرانم

صورت ۾ شيخ صنعان وانگر آهيان ۽ اندر ۾ بي دين آهيان

نہ راہ کفر را دانم نہ از ایمان یاالله

نه ڪفر جي راه ڄاڻان ٿو ۽ نه ايمان ڄاڻان ٿو يا الله.

منم حادث قدیمی تو رمیمم من رحیمی تو

آئون حادث آهيان ۽ تون قديم آهين، آئون فاني آهيان ۽ تون رحيم آهين.

لئیمم من کریمی تو بہ صد برہان یا اللہ

آئون خراب آهيان ۽ تون سؤ دليلن سان سخي آهين يا الله.

بہ کردارِ خراب من بہ فعلِ ناصواب من

منهنجي خراب ڪردار ۽ منهنجي برن ڪمن جي ڪري تون مون تان.

زخِ احساں متاب از من توئی منان یا اللہ

پنهنجي احسان جو رخ نه متاءِ (ڦيرءِ) تون ئي احسان ڪندڙ آهين يا الله

بروئے آل پیغمبر بکوئے کعبۂ انور

اهلبيت جي مُهاڻ، ڪعبه انور جي رستي جي مُهاڻ

زتقصیرات من بگذر بہ این و آن یا اللہ

منهنجا اڳيان ۽ پويان گناهه معاف ڪر يا الله

بہ صدیق و عمر عادل بہ عثمان و علی عامل

صديق اڪبر، فاروق اعظم، عثمان غني علي شيرِ خدا جي واسطي.

عیاں کن بامنِ جاہل رہِ عرفان یا اللہ

مون جاهل لاءِ عرفان جي راهه ظاهر ڪر يا الله.

بہ وقت نزع من بارے بہ عشق خویش کن یارے

هن جهان مان رخصت وقت تون پنهنجي محبت ۾ منهنجي مدد ڪر

مرا بے شوق نہ گذاری دراں آوان یا اللہ

مون کي ان وقت بنان محبت جي اُتان نه لنگهائجين يا الله.

چوں سکراتم قریب آید اگر لطفے کنی شاید
جڏهن منهنجي سڪرات قريب اچي تون جيڪڏهن پنهنجو لطف ڪرين،

مرا بوئے حبیب آید ز عربستان یا اللہ
ته مون کي پنهنجي حبيب ڪريم جي خوشبوءِ عربستان مان اچي سگهي ٿي يا الله.

دراں حالت ثباتم دہ برات حسن خاتم دہ
انهيءَ حالت ۾ مون کي ثابت قدمي عطا ڪر ۽ منهنجو خاتمو بالخير ڪر،

زگنج خود زکواتم دہ زر ایمان یا اللہ
تون مون کي پنهنجي خزاني مان ايمان جي زڪواة ڏي يا الله.

زبعد مُردنم خویشاں زن و فرزند دل ریشاں
منهنجي فوت ٿيڻ کان پوءِ منهنجي گهر واري ۽ فرزند ڏکويل هوندا،

بنالند ساعتے ایشاں چوں غم کیشان یا اللہ
۽ ڪجهه وقت اهي گهڻي ڏک کان روئندا يا الله.

پس آنکہ حیلہ پردازند بتکفینم ہنر بازند
ان کان پوءِ اهي مون کي ڪفن ڏيڪائي

بگورستان رواں سازند مرا ایشان یا اللہ
قبرستان ڏانهن ڪلهو ڏيندا يا الله.

بہ قبر من فرود آرند بخاک تیرہ بسپارند
اهي مون کي قبر ۾ داخل ڪندا ۽ مٽيءَ جي حوالي ڪندا

بتنہائیم بگذارند در آں زنداں یا اللہ
اهي مون کي ان وقت اڪيلو قيد ۾ ڇڏيندا يا الله

زمنکر و از نکیرِ من بفریاد و نفیر

منڪر ۽ نڪير جي اچڻ وقت آئون توکي سڏيندس،

تو باشی دستگیرِ من بہرِ عنوان یا اللّٰہ

تون هر طرح سان منهنجي مدد ڪجئين يا الله.

بہ حشرم چوں برانگیزی بہ جسم و جاں در آویزی

حشر جي ڏينهن جڏهن تون مون کي جسم ۽ جان سان اٿاريندين،

مرا از لطف نا میزی بمغضوبان یا اللّٰہ

مون کي تون پنهنجي لطف سان غضب ڪيلن سان نه گڏجئين يا الله.

من از اندیشۂ آں دم بہ گردابِ غم افتادم

انهيءَ وقت جي پريشاني جي ڪري آئون غمن جي ڪُن ۾ پيل آهيان،

زعمرِ خویش ناشادم اجل خواہاں یا اللّٰہ

حياتي پنهنجي کان آئون ڪان آهيان (۽) موت گهُران ٿو يا الله.

ولی مشکل بود آں دم کہ گر صد مرگ را خوانم

پر ان وقت مشڪل هوندو، جيتوڻيڪ سؤ موتن کي سڏيان،

خلاصی نیست از آنم بہیچ عنوان یا اللّٰہ

پر انهيءَ مان ڪنهن به طريقي سان جند نه ٿو ڇڏائي سگهان يا الله.

مگر لطفت شود شامل بہ ایں فرسودہ مشتِ گل

مگر جيڪڏهن هن عاجز کي توهان جو لطف شامل حال ٿئي،

کہ آید بر لبِ ساحل ازاں طوفان یا اللّٰہ

ته آئون ان طوفان کان ڪناري تي اچي سگهان تو يا الله.

دراں وادی چوں درمانم کنی دشوار آسانم

انهيءَ واديءَ ۾ جڏهن آئون پريشان هوندس تون ئي منهنجي مشڪل کي آسان ڪر،

کشی بر لوحِ عصیانم خطِ غفران یا اللہ

(۽ تون) منهنجي بري اعمالنامي تي بخشش جو قلم ھلاءِ يا الله.

صفی کو زشت کردار است بہ بخشایش سزاوار است

صفي جيتوڻيڪ گنهگار آهي پر بخشش جو اميدوار آهي،

ترا از جاں طلبگار است بہ دل جویان یا اللہ

توکي جان ۽ دل سان (هر وقت) ڳولیندڙ آهي يا الله.

از قلم حضرت قیوم جہاں قدس سرہ

هيءُ مناجات حضرت قيوم جهان قدس سره جي چيل آهي.

۽ ترجمون ڪندڙ: فقير عبدالوحيد سرهندي آهي.

02-08-1999

# نعت شریف

الهیٰ از کـرم گـویاني مـدحش کن زبانم را ،
بفضل و رحمتت شایان قـربش کن بیـانم را .

زجام باده ، شـوقش چنانم از خودي برهان،
نیـابد هیچ جا کس همچو عنقا آشیـانم را .

براوج نـعت پردازي عـطا کُن بـرق پـروازي،
کـ در جولانِ توصیـفش نگیـرد کس عنانم را .

زنور اقـدسِ مـدح و ثنائي شـاهِ او ادنیٰ،
بزیر چرخ تابان کُن چون خورشید این بیانم را .

ز تـوصیفِ شهنشاهِ دوعالم احمدﷺ مرسل،
سُرور سینہ امر رابخش و شیرین کُن زبانم را .

چنان محوِ جمالش کُن کہ درخود گم کنم خودرا ،
شوم معدوم در هستي نیابد کس نشانم را .

دل از من برد فضل این مصرع، صادق کہ میگوید،
خداوندا بکن گـویا بنعت او زبانم را .

حضرت خواجہ فضل الله جان
سرهندي قدس سره

# نعت شريف

زاو صاف مدينه هرچه گويم قطره از دريا است،
عفاف آنجا كفاف آنجا صلواة آنجا زكواة آنجا.

خداوند عطا كن بنده خودرا بفضل خود،
قيام آنجا مقام آنجا حيات آنجا مَمات آنجا.

اگر خواهي كه بيني جنت الماوي دراين عالم،
نشين در روضه اطهر بخواه از حق نجات آنجا.

حضرت خواجه محمد حسن جان
سرهندي قدس سره
ٽنڊو سائينداد

# نعت شریف

بہ جناب سرور انبیاء برسان صبا تو سلام من،
بہ هزار عجز و ادب ادا بنمائي غرض پیام من،

کہ بہ شام هجر تو سوختمر چہ شود بلطف کرم اگر،
بہ ضیائے مهر وصال خودبکني چون صبح تو شام من.

همہ وقت درهمہ جا روم زپئے تو سید انبیاء،
من مقتدي بقفائے تو تونی مقتدا وامام من،

بہ سواد روضہ انورت شود چون دیده مکحلم،
بہ یقین کہ گردش آسمان گردد بحسب مرام من.

اي جناب جمع سگان خود بشماریم اگر از کرم،
بہ خدا کہ کار جهان همہ بشود بحکم وبکام من،

بہ نماز یاد دو ابرویت بنمائیم بشود ادا،
چہ رکوع من چہ سجود من چہ قعود من چہ قیام من.

چون بهر طرف نظر افگنم نبود بجز تو مقابلم،
بہ یمین و من بہ یسار من بہ قفائے من بہ قدام من،

اگراین بود کہ نہ لائقم کہ بہ یُقظہ رَو بَنُمائیم،
بہ کمال لطف و کرم شهے من شبے بہ منام من.

حضرت خواجہ عبدالباقي جان
سرهندي قدس سره

# نعت شریف

سجدہ گاہِ قدسیاں از خاک آدم ساختند
در سرشتش نورِ احمد را بپنہاں ساختند

یارِ غار مصطفےٰ صدیق اکبر گشتہ است
حضرت فاروق را فتاح عادل ساختہ است

معدنِ جود و حیا را زیب عثمان کردہ اند
ساقی کوثر بمحشر شاہِ مرداں ساختند

بندۂ قدوس را در روزِ محشر غم مباد
چوں شفیع المذنبیں سالار محشر ساختند

حضرت خواجہ عبدالقدوس جان سرہندی مجددی
المعروف بہ حضرت شیریں جان
قدس سرہ العزیز
کتبہٗ محمد خان

جوڙي جوڙ جهان جي، جڏهن جوڙيائين،
خاوند خاص خلقي، مُحمد ﷺ مُڪائين،
ڪلمو تنهن ڪريم تي، چئو چايائين،
انا مولاڪ وانت محبوبي، ان پر اُنائين،
ڏکي ڏنائين، ٻئي سرائون سيد چوي.

**

اکيون مُنهن ميهار ﷺ ڏي، جن رکيون جوڙي،
ري، سند سيد چوي، تار ڳهڙن توڙي،
تنين، ڪي ٻوڙي، سائر سڳهندو ڪينڪي.

**

ڪيچان آيو قافلو، سات ڏٺي سرواڻ ﷺ،
وار وڏي واڳون ڪريان، ٻوان هُوند پلاڻ،
جهڙو ٻُنهون ٻاڻ، تهڙي سِٽا سات جي.

**

مانڪ مِٽ سندوم، اونداهيءَ ۾ سوجهرو،
حشر ويل حساب ۾، ڇڏي نه ويندوم،
ساريو سِيڏ ڪندوم، ڪوهيارو ﷺ ڪيچ ڌڻي.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح